محمد رياض بلوچ

# مست توڪليءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر


## Abstract:

**Critical Study of Poetry, Philosophy & Personality of Mast Tawakali**

*In Balochi literature, 'Mast Tawakali' is a great legend, known for his acclaimed poetry. His poetry brought its zenith to Balochi literature during the 19th century, especially in Eastern Balochistan. His poetry was sung by Minstrel, Bard & Balladeers and folk singers, and is being transmitted from one generation to the other.*

*An English scholar, Long Worth Dames, compiled his poetry for the first time in 1913. Mast Tawakali lived the life of a gypsy. After Long Worth Dames, Mr. Mitha Khan Mari was the first balochi scholar who worked on the philosophy and poetry of Mast Tawakali. Later, other scholars also worked on this subject.*

*In this paper various aspects of poetry of Mast Tawakali are discussed which include Baloch tribal systems, wars of various times among Balochi tribes, Baloch traditions and his love with a beautiful married girl (Samo), whom he saw just once through lightning during a thunderstorm. The tribal wars in which his brothers were killed repelled him and he left his motherland and went to different places to search for peace and harmony. When he left, he wrote poetry on his unrequited love of Samo.*

*Apart from romantic poetry, he wrote poems on Sufism & love with his land, people & 'Balochan' an old person who raised him in his native town, as his parents had died when he was a young boy. His poetry is considered as classic of Balochi language.*


**رندن** واري دؤر جي بلوچي شاعريءَ ۾ جام درڪ کان پوءِ اهم ۽ وڏو نالو مست توڪليءَ جو آهي، جنهن جي شاعري جو پڙاڏو اوڻوهين صدي ۾ بلوچستان ۽ خاص طور تي اُڀرندي بلوچستان ۾ ٻڌو ويو. اها شاعري مڱڻهارن، پٺن، پانن ۽ ڳائڻن وسيلي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهي، جن مان نموني طور ڪجھ نظم،





۱۹۰۳ع ۾ پهريون ڀيرو لانگ ورٿ ڊيمز پنهنجي ڪتاب 'Popular Poetry of Baloches' وسيلي لکت ۾ آڻي، محفوظ ڪيا.

مست توڪلي، خانہ بدوشيءَ واري زندگي گذاريندڙ، هڪ عام بلوچ مالوند گهراڻي ۾ جنم ورتو، تنهن ڪري سندس جنم جي تاريخ بابت ڪا پڪي ثابتي نٿي ملي. اُڻوهين صديءَ ۾ بلوچن وٽ اڄوڪي نموني تاريخ لکڻ يا رڪارڊ رکڻ جو رواج نہ هو. تاريخ جو تعين، علائقي ۾ پيش ايندڙ وڏن واقعن ۽ حالتن جهڙوڪ زلزلي، طوفان، ڏڪار، سُڪار، ڪنهن وڏي قبائلي جنگ يا ڪنهن سردار جي ڄمڻ يا مرڻ جي تاريخ سان ڀيٽي ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ مست توڪليءَ جي جنم بابت، محققن پنهنجي پنهنجي کوجنا جي آڌار تي ڌار ڌار نتيجا ڪڍيا آهن.

لانگ ورٿ ڊيمز کان پوءِ مست توڪليءَ تي، جنهن ڏيهي عالم سڀنيءَ کان پهرين، مستند ۽ جامع تحقيق ڪئي، اهو مير مٺا خان مري آهي. هن پنهنجي کوجنا جي آڌار تي اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ سردار گزين خان ماريءَ جي وفات وقت، مست توڪلي پنجيتاليهہ ورهين جو هو، اُن کان پوءِ ۱۸۹۶ع ۾ جڏهن مست توڪلي گذاري ويو تہ سندس ڄمار ۶۵ ورهيہ هئي. ان حساب سان ۱۸۹۶ع مان جيڪڏهن سندس زندگيءَ جا ۶۵ ورهيہ ڪٽيا وڃن تہ سندس ڄمڻ جو سال ۱۸۳۱ع بيهي ٿو.

مير مٺا خان مري لکي ٿو: "وڏا بزرگ چون ٿا تہ توڪلي مست، سردار گزين خان ماريءَ کان ڄمار ۾ وڏو هو. گزين خان ۱۸۷۶ع ۾ وفات ڪئي، اُن وقت مست جي عمر چاليهہ ورهين کان مٿي هئي. مست توڪلي اٽڪل ۶۵ سالن جي ڄمار ۾ ۱۸۹۶ع ۾ وفات ڪئي تہ هن حساب سان مست ۱۸۳۱ع ۾ ڄائو هوندو."[۱]

جڏهن تہ ڊاڪٽر شاهہ محمد مري پنهنجي ڪتاب 'مستين توڪلي' ۾ مري قبيلي جي سردارن جي، سرداريءَ وارن سالن کي سامهون رکي، مست توڪلي جي جنم جو سال ۱۸۲۵ع مقرر ڪري ٿو. گُل خان نصير پنهنجي ڪتاب 'بلوچستان کی کہانی شاعرون کی زبانی' ۾ مست توڪليءَ جي جنم بابت لکي ٿو: "هو ۱۸۲۸ع ۾ بهار جي مند ۾، ڪاهان ويجهو، جبلن جي ڪڇ ۾ اڏيل هڪ گِدان (خيمي) ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو ڪرمو هو."[۲]

مير گل خان نصير پنهنجي مٿئين ڄاڻايل ڪتاب ۾ مست توڪليءَ جي والد



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو نالو 'ڪرمو' لکيو آهي، ڪن عام روايتن ۾ مست توڪليءَ جي والد جو نالو 'پانڌي' پڻ ٻڌايو ويجي ٿو، پر مير مٺا خان مري ۽ ڊاڪٽر شاهه محمد مري پنهنجي ڪوجنا جي آڌار تي، مست توڪليءَ جي والد جو نالو 'لالهان' لکيو آهي.

مير مٺا خان مري لکي ٿو: "مست توڪليءَ جي والد جو نالو 'لالهان' هو. گهڻا ماڻهو 'لالهان' جي بدران اُن کي پانڌيءَ جو نالو به ڏيندا آهن، پر پانڌيءَ واري روايت ڏاڍي ڪمزور آهي."[٣]

'لالهان' حقيقت ۾ 'لعل خان' جو بلوچي اُچار آهي. ڇاڪاڻ ته بلوچي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪري 'خ' کي 'ه' يا 'ح' ۾ اُچاريو ويندو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو: "اُن (مست توڪلي) جي والد جو نالو 'لالهان' هو، بلوچ 'لعل' کي 'لال' چوندا آهن... اسان (خاص طور تي الهندي بلوچستان جا بلوچ) پنهنجي وس آهر 'خ' جو پيڙو پوڙيندا آهيون ۽ ان جي جاءِ تي 'ه' استعمال ڪندا آهيون. جيئن اسان 'خدا' کي 'هُدا'، 'شادي خان' کي 'شاذيهان'، 'خر' کي 'هر' چوندا آهيون. هبر، هيم، هبر ــ سيني ۾ 'خ' کي ملڪ بدر ڪري 'ه' ۾ بدلايو ويو آهي. جيئن 'خان'، 'هان' ٿي ويو، اهڙيءَ ريت لعل خان، لال هان بڻجي ويو."[٤]

مست توڪليءَ جي والده، سندس ننڍپڻ ۾ ئي ڪيس اڪيلو ڇڏي راهه رباني اختيار ڪئي، ان جي نالي بابت تاريخ مڪليءَ جي مقبرن جيان ماٺ آهي. قبيلائي سماج ۾ گهر جي چائنٺ کان ٻاهر عورت جو نالو وٺڻ عيب سمجهيو ويندو آهي، ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ماڻهن کي ڪنهن غريب عورت جو نالو سئو سوا سئو سالن کان پوءِ به ياد هجي!

مست توڪليءَ جون پينرون هيون يا نه؟ تنهن بابت ڪا به شاهدي نٿي ملي، البت ان جي پائرن بابت واحد بخش بزدار لکي ٿو: "هن (مست توڪلي) جي پائرن جي ڳاڻيٽي بابت مختلف ۽ متضاد روايتون ملن ٿيون. هڪ روايت موجب هن جا ست پائر هئا، پر هو پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجا ڇهه پائر ٻڌائي ٿو.

"ہر ششیں براتاں مس شتوا ایکا سر آتکغاں"

ترجمو: ڇهن پائرن منجهان هڪ آئون بچيو آهيان.[٥]

مست توڪليءَ جي پائرن مان چار ڇٽا، سندس زندگيءَ ۾ ئي گذاري ويا،





هڪ فطري موت مئو ۽ ٽي ڇٽا، بُگٽي ۽ مري قبيلن جي وچ ۾ ٿيل هڪ قبائلي جهيڙي ۾ مارجي ويا، پر مست توڪليءَ جي ڪلام ۾ سندس پنجن پائرن منجهان فقط ٻن پائرن جا نالا ملن ٿا، جن مان هڪ 'ولڻ'، جيڪو مري ۽ بُگٽي قبيلي جي جهيڙي ۾ مارجي ويو ۽ ٻيو 'پيرُڪ'، جنهن جو مست توڪليءَ سان گهڻو ساٿ رهيو. پيرڪ سُرندي، نڙ ۽ ٻوڙينڊي جي ماهر موسيقار هجڻ سان گڏوگڏ، هڪ عشقيه داستان (گِران ناز ۽ پيرُڪ) جو سُورمو پڻ هو، پر سندس جي عشقيه داستان جو سج ، مست توڪلي ۽ سمو جي عشق جي ڪڪرن ۾ ڍڪجي ويو .

ڊاڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو: "پيرڪ هڪ عظيم موسيقار هو. سچ پڇو ته ان جي مٿان جيڪڏهن مست توڪليءَ جي عشق جو گهاٽو وڻ نه هجي ها ته پيرڪ پاڻ هڪ وڏي عشقيه داستان جو سورمو هجي ها. ڇئن ڏينهن جي زندگيءَ ۾ پيرڪ ئي هڪ اهو ڀاءُ هو، جنهن مست توڪليءَ جي زندگيءَ جو گهڻي وقت تائين ساٿ ڏنو. هو ٻئي، ڀين پائرن جي پيٽ ۾ گهڻي عرصي تائين حياتيءَ جي نعمتن مان سُرور وٺندا رهيا ۽ گهڻي وقت تائين گڏ رهيا."[٦]

مست توڪلي، ٻارهن ورهين جي ڄمار جو ٿيو ته سندس والد به گذاري ويو ۽ هُو نهايت ئي ڏکين حالتن ۾ گذارڻ لڳا. تڏهن هو پائرن سان گڏجي 'مانڙڪ بند' مان نڪري 'ماوند' جي علائقي ۾ آيو، جتي 'بلوچان' نالي، غريبن جي هڪ هڏ ڏوکي سندن پالنا ڪئي.

ڊاڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو: "جڏهن هُو ڇوڪرا هو ته ماوند ۾ ڳئون چاريندو هو، اهڙيءَ ريت هن جو ماوند جي سومراڻين سان دوستيون ۽ رشتا قائم ٿيا، جن جو ذڪر هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. اتي غريبن ۽ مسڪينن جي سارسنڀال لهندڙ 'بلوچان' نالي هڪ نيڪ انسان رهندو هو، جنهن مست جي پالنا ۽ پرورش ڪئي. اتي جو هڪ ٻيو ڪردار بهار خان هو، جيڪو مست جو دوست ۽ رازدار پڻ هو."[٧]

مست توڪلي پنهنجي اُن محسن 'بلوچان' کي هن ريت ياد ڪري ٿو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| گوئر | بلوچانا | دعائیں | ملخانی |
| آسر | و | او میٹھے | گریوانی |
| سرجمیں | | شاذیھاں | کلاتانی |

تامیناں باشیل بور بناتانی

(مري، ص:34-33)

ترجمو: بلوچان کي فرشتن جون دعائون آهن،
هُو غريبن جي آس ۽ اُميد آهي،
هن قلعي ۽ چؤديواري جو مالڪ شادي خان آهي،
هتي جو جوان مرد باشيل آهي.
بهار خان جي لاءِ چئي ٿو:

ھَیر گوئر بہار خانئے لڑیں تیغاں
سُورہا بر جاہ بی ہمو گیغاں

(مري، ص:44)

ترجمو: بهار خان جي تکي ترار جي ڪري امن آهي
هُو هر طرح سان سورهيه ۽ سگهارو آهي.

مست توڪلي، جڏهن ماوند جي علائقي ۾ مال چاريندو هو، تڏهن بہ هُو عام بلوچ ٻارن کان مختلف طبيعت جو مالڪ هو. راند رُوند بدران هُو هر وقت اُونهن خيالن ۾ ٻُڏل رهندو هو ۽ پنهنجي حساس دل جي ڪري هو، ٻاراڻن جهيڙن ۽ جهڳڙن کان پاسو ڪندو هو. ويٺي ويٺي ڪيس پُور پوندا هئا، ۽ پوءِ مال تہ ٺهيو پر پنهنجو وجود بہ وساري ڇڏيندو هو، سندس مال پڪڙجي ٻين ڏٽن سان گڏجي ويندو هو. جنهن جي ڪيس ڪا سُڌ ٻُڌ نہ رهندي هئي. جڏهن شام ٿيندي هئي تہ ساٿي ڏراڙ سندس ڏڻ ورائي گڏ ڪندا هئا. مست توڪلي جڏهن جوانيءَ ۾ پير پاتو تہ اُن وقت مري ۽ ٻُگٽي قبيلن جي وچ ۾ قبيلائي جنگ هلندڙ هئي. مست توڪلي بہ قبيلائي رسمن ۽ رواجن کان مجبور ٿي، نہ چاهيندي بہ هڪ ڏينهن پنهنجي ياءُ ولڻ سان گڏ، 'چميڙيءَ' جي ماڳ تي هلندڙ جنگ ۾ شريڪ ٿيو. جنگ تہ وحشي ماڻهن جو انسان دشمن فعل آهي، پر جنهن انسان کي فطرت جي هر جيو سان محبت هجي، اهو پاڻ جهڙن ٻين انسانن جو رت ڪيئن ٿو وهائي سگهي؟ مست توڪلي پنهنجي ٻُگٽي ياڻرن جو رت وهائڻ بدران جنگ جي ميدان مان نڪري ويو پر سندس ياءُ 'ولڻ' وڙهندو رهيو ۽ نيٺ ٻُگٽي قبيلي جي هٿيارٻندن هٿان مارجي ويو. مست توڪليءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ جنگ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:





چمبھڑی جنگا مس سری مڑداں گون اثاں،
یہ برے جنگئے جکثاں، نا وہشیں پڑاں
مار دو دیمی آ بیڑ ثہ زرکاں پوتراں
ساکثہ آخر سرمنی زر مُشتیں لُڑاں
یہ برے کار کنڈغا گی ایشت ذرہ بُراں
ولنڑے اِ تشتو من پذی رندان گڑتغاں

(مري، ص: 212)

ترجمو: آءُ چميڙي جنگ جي هر اول دستي ۾ شامل هئس،
هڪ ڏينهن جنگ جي اٽوٽندڙ ميدان ۾ ڦهٽس،
اسان ٻنهي پاسي زرڪاٽين (بگٽين) جي گهيري ۾ اچي وياسين،
چانديءَ جي ڳن واريون تراروں اسان تي ڇائنجي ويون،
تکيون تلوارون اسان جو ڪم لاهڻ تي هيون،
ولڻ کي اُتي ڇڏي آءُ اُبتي پير موٽي آيس.

مست توڪليءَ کي پنهنجي ياءُ ۽ ٻين قتل ٿيندڙ انسان جو جيترو ڏک ٿيو، اُن کان وڌيڪ جنگ جي ڪري لڏپلاڻ ۾ دربدر ٿيندڙ عورتن ۽ ٻارن جي تڪليفن ڪيس جهوري وڌو ۽ پوءِ هو سڄي زندگي جنگ کان نفرت ڪندو رهيو.

جواں نہ اَنت جنگانی بذیں بولی،
کئے وثی مالءُ مڑدماں رولی

(بزدار، ص: 96)

ترجمو: جنگين جون واهيات ڳالهيون چڱيون ناهن،
ڪير پنهنجي ماڻهن ۽ مال کي دربدر ڪندو؟

ماوند ۾ رهندي ئي هڪ اهڙو ڏينهن بہ آيو جنهن مست توڪليءَ جي دل ۾ آند ماند پيدا ڪري ڇڏي، سندس شعور کي ڏونڌاڙي ڇڏيو. پنهنجي خيالن ۾ مگن، مال چاريندڙ توڪلي، مست بڻجي، مال چاريندڙ مان ڦِري شاعر ٿي ويو ۽ جهنگن جهرن بدران ڏُکن، اهنجن ۽ پوڳنائن جي دنيا جو سئر ڪرڻ لڳو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏيڪاريوسِ ڏُکَنِ، گوندرَ گَسُ پِريَنِ جو،
سُونهائي سُورَنِ، ڪِي هيڪانڊِي هوتَ سِين.
(بلوچ، سُر حسيني، داستان ٢، بيت ٦، ص: ٢۴٠)

اُن ڏينهن مست توڪلي پنهنجي دوست بهار خان سان گڏ سئر سفر جي لاءِ ماوند جي علائقي مان نڪري رستراني جي جبلن ۾ پهتو. مينهوڳيءَ جي مُند هئي، هلڪي هلڪي ڦُڙ ڦُڙ تي رهي هئي، جبلن تي موريل ٻوٽن ۽ وڻن جا پَن ڌوپجي چُچ ساوا ٿي چڪا هئا، ٻِنل مٽيءَ جو واس حواسن تي ڇانئجي، دل کي لست ۽ تازگي بخشتي رهيو هو. گھمندي ڦرندي شام ٿي ته ڪِنوڻ ۽ گجگوڙ سان وڏ ڦُڙو مينهن وسڻ لڳو ۽ توڪلي ۽ سندس دوست بهار خان، برسات کان بچڻ لاءِ پناهگاهه ڳولڻ لڳا. هلندي هلندي کين مالوند ماڻهن جا ڪجھ خيما نظر آيا. اُتي رڳو عورتون هيون، مرد مال چارڻ ويل هئا، جيڪي اڃا کين موٽيا هئا. مست ۽ سندس دوست بهار خان خيمن جي ويجهو پهچي سڏ ڪيو، ته هڪ عورت ٻاهر نڪتي ۽ کين پنهنجي خيمن کان ٿورو پرڀرو هڪ ٻئي خيمي ۾ ويهاريائين. ڪجھ وقت کان پوءِ اونداهي ٿي ۽ برسات سان گڏ هوائن به زور ورتو. ايئن پئي لڳو ڄڻ اِجهو ميزبان جو خيمو ڪِري پٽ پوندو. اُن وقت خيمي جي رَسين کي مظبوط ڪرڻ لاءِ هڪ نوجوان ڇوڪري ٻاهر نِڪتي، رسيون ڏاڍيون ڪندي ڪندي تيز هوائن ۾ سندس رئو اُڏامي ويو، ان جا وار آلا ٿيا. اُن وقت ڪِنوڻ ڪِنوي ته سندس چهري ۽ ٻِنل واسينگ جهڙن وارن تي توڪليءَ جي نظر پئي. انهيءَ هڪ گهڙيءَ ۾ ڄڻ وِڄ آسمان مان سِڌي توڪليءَ جي دل تي ڪِري ۽ کيس ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيائين. اها وِڄ جيان وراڪا ڏيندڙ ڇوڪري 'سمو' هئي، جنهن کي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ 'سمل' به سڏي ٿو.

سمو، مري قبيلي جي، سينيءَ کان وڏي (آباديءَ جي لحاظ کان) پاڙي ڪلوانڙيءَ مان هئي. سندس شادي پروئي پاڙي جي 'بيورغ' نالي جوان سان ٿيل هئي.

سمو جي خاندان بابت ڊاڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو: "سمو جي والد جونالو 'بشڪيا' هو، (بخشل، نجات حاصل ڪيل). سمو جي هڪ پاءُ جي نالي جي به ڄاڻ حاصل ٿي آهي 'دل مراد' بس اسان جو علم ايترو آهي. هن ٻن کان سواءِ سمو جي ٻين گهرڀاتين ۽ مائٽن بابت اسان کي ڪجھ معلوم نه ٿي سگهيو."(٨)





قصو مختصر، شام جو ميزبان مرد موٽيا ته ماني ۽ هنڌ آڻي ڏنائون، پر مست توڪلي، نه ماني کاڌي ۽ نه ئي کيس ننڊ آئي. هو سڄي رات پنڊ پهڻ ٻڌجي، هڪ ئي جاءِ تي ويهي، خيمي ڏانهن تڪيندو رهيو. سندس دوست بهار خان، ڪائنس هر هر پڇندو رهيو پر هو ڪجھ نه ڪُڇيو، گهڙي پُڇا کان پوءِ نيٺ صبح جو پنهنجي دوست سان اندر اوريندي چيائين:

چله اى شف په نندغۂ آزار
گوں هيالاں مس روش کُشه يکار
(بزدار، ص: 76)

ترجمو: مون سياري جي ڊگهي رات جاڳندي
ڳڻتين ۽ گوندرن ۾ ڳرندي گذاري ڇڏي.

ان کان پوءِ، جڏهن مست توڪليءَ جي، سمو سان محبت عالم آشڪار ٿي ته مست تي ڪيتريون ئي سختيون ۽ آزمائشون آيون، کيس قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هو بچي ويو. هڪ پرڻيل عورت سان وڏي واڪي محبت جو اظهار ڪرڻ ۽ ان جي سُونهن ۽ سُندرتا سان ڀرپور گيت ڳائڻ تي مست جي خلاف، قبائلي سردارن کي دانهن ڏني وئي، جن آڏو مست کي پنهنجي محبت جي پاڪائي بيان ڪرڻي پيئي ۽ نيٺ هُن کي، مست جو لقب ڏيئي مروج قبائلي قانونن کان آجو قرار ڏنو ويو.

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو، ڏينهن، مهينا ۽ سال گذرندا رهيا ۽ هڪ ڏينهن مست توڪليءَ تي قيامت کان اڳ قيامت برپا ٿي! اهو ١٨٨٠ع جو سال هو، جڏهن سمو هن فاني جهان کي الوداع چئي ان ڏُورانهين ڏيهه ڏانهن هلي وئي جتان اڄ تائين ڪو به موٽيو ناهي! سموءَ جي مڙهه کي ڪوهلوءَ ضلع جي تعلقي ماوند ۾ 'مخ ماڙ' نالي مُقام ۾ دفن ڪيو ويو. سموءَ جي مڙهه سان گڏ مست توڪليءَ جو رُوح به مٽين مٽيءَ هيٺان پُورجي ويو!

"سموءَ جي موت کان پوءِ مست توڪلي، ماٺ ۽ استغراق جي حالت ۾ ڪيئي ڪيئي ڏينهن سموءَ جي قبر ويجهو پنهنجي حجري ۾ ويٺو هوندو هو. سندس من ۾ نه اهو صحرا ۽ جنهگ جهاڳڻ وارو شوق رهيو ۽ نه اها جنوني ڪيفيت رهي. جيڪڏهن حجري کان ٻاهر ڪڏهن پير پائيندو به هو، ته جبلن تان ننڍا ننڍا رنگين ۽ گول پٿر ميڙي سمو جي قبر تي ڍنگ سان سينگاري رکندو هو."(٩)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سموءَ جي موت کان سورهن سال پوءِ ١٨٩٦ع ۾، مست توڪليءَ به لاڏاڻو ڪري ويو. مست جي آخري آرامگاهه، بلوچستان جي ضلعي ڪوهلوءَ ۾ 'ميدان گَري' نالي هڪ علائقي ۾ آهي.

ڊاڪٽر شاهه محمد مري لکي ٿو: "مست، وصيت ڪئي هئي ته ڪيس 'ٽِڪيل' جي اوچي جبل تي دفن ڪيو وڃي پر جنهن اُتي سندس ميت رکي وئي، اهو اُتي 'ٽِڪيل' جي جبل تي چڙهڻ کان نابري واري 'ميدان گَري' نالي علائقي ۾ جُهڪيو. ماڻهن اُن کي اُٿارڻ لاءِ گهڻائي جتن ڪيا ته جيئن مست جي ميت کي ٽڪيل جي جبل تائين پهچائي سگهجي پر اُٿ هلڻ جي نه ڪئي، تنهن ڪري مست کي اتي ئي (ميدان گَري) ۾ ئي دفن ڪيو ويو."(١٠)

## مست توڪليءَ جي شاعري:

مست توڪلي ته هڪ عام انسان هو، مال چاريندي، ڪاٺيون ڪندي، خوشين ۽ شادين جي موقعن تي ڊُهل ۽ شرنائيءَ جي ڌُن تي دو چاپي رقص ڏسندي، قبائلي جهيڙن ۾ قتل ٿيندڙ بلوچن جي لاشن تي پار ڪيندڙ عورتن جي مظلوميت پسي ملول ٿيندي، هڪ عام بلوچ جي زندگي گهاري رهيو هو. هن ڪڏهن ڪنهن اسڪول يا درسگاهه جو در ڪونه ڏٺو هو، ڪنهن اُستاد وٽ قافيي، رديف ۽ علم عروض جو سبق ڪونه پڙهيو، پوءِ اها ڪهڙي قوت هئي، جنهن مست کي ڏراڙ مان ڦيرائي شاعر بڻائي ڇڏيو؟ اها ڪهڙي طاقت هئي؟ جنهن مست کي ڪٺور قبائلي سماج ۾ جنگ ڪرڻ ۽ رت وهائڻ بدران محبت ڪرڻ جي همت ڏني. پنهنجي محبت جي شان کي اهڙي ته بيباڪي ۽ بهادريءَ سان ڳائڻ سيکاريو، جيڪا اڄ سوين سال گذرڻ کان پوءِ به لکين ماڻهن جي دلين ۾ ڌُڪندڙ جذبن جي ترجمان بڻيل آهي؟ اها قوت، عشق جي چوٽ کان سواءِ ڪا ٻي ٿي ئي نٿي سگهي! عشق ته شاهه لطيف چواڻي ڳيرن جي راند ڪيڏڻ جي شيءِ ناهي، اها سقراط کي زهر پياري ٿي، منصور حلاج کي سوريءَ تي چڙهائي ٿي، بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙاهي ٿي، شاهه عنايت جو ڪنڌ ڪپائي ٿي، بُرونو کي باهه ۾ ساڙائي ٿي، سُهڻيءَ کي درياهه ۾ لوڙهائي ٿي، پنهونءَ جهڙي سردار کي ڏوٻي بڻائي ٿي، راجائن کان تخت ۽ تاج کسي ٿي، عاشقن کي ڪاڪ ڪنڌيءَ جي قبرن ۾ سُمهاري ٿي، بهادرن ۽ پهلوانن کي هٿين خالي ماري، چچري ڪيرائي پَٽ تي هٽي ٿي.





جا ڪَني رءَ خُونَ ڪَري، ڏَرِ نِئون ماري ڏِگَ،
ڪوڏَتُون قَرِيبَنِ جا، آرِ ڪري تي اَگَ،
لالَ جَنِي جا لِگَ، تيرَ چِڪائي تن ڪي.

(بلوچ، سُر راڻو، داستان ٣، بيت ٨، ص: ٢٥٨)

مست ته پوءِ به خوشنصيب هو، جنهن رڳو هوش وڃايو هو.

دل منی مجنایی ہواں رو شی
برءَ بیزاراں مستءُ مدہوشی

(بزدار، ص: 76)

ترجمو: مَنُ منهنجو مجنون ٿيو انهيءَ ڏينهن
بِر ۽ بيزار آهيان مست ۽ مدهوش آهيان.

مست توڪلي جي شاعريءَ ۾ واحد جي وحدانيت جي واکاڻ کان وٺي، حضرت محمد ﷺ جي ساراهه تائين، اهلبيت سان عقيدت کان وٺي اولياءَ الله جي قصيدن تائين، قبائلي عورت جي مظلوميت کان وٺي عام ماڻهن جي ڏکن، تڪليفن، اذيتن، اهنجن تائين، محبوب سان ميلاپ جي تمنا کان وٺي وڇوڙي جي ورلاپن تائين گوناگون موضوع ملن ٿا، پر سندس شاعريءَ جو محور، سموءَ جي 'سُونهن جي سِج' جي چوڌاري ڦري ٿو. هن جا سمورا موضوع، ڪنهن نه ڪنهن ريت سمل جي حُسن ۽ هڳاءَ سان ئي سلهاڙيل آهن ۽ سموءَ جي وڇوڙي ۾ سندس دل تي وارد ٿيندڙ وارداتن سان ڳنڍيل آهن.

مست بنيادي طرح ڏُک جو شاعر آهي، هن جي سموري شاعري وڇوڙي ۾ ورتل، دل جي دانهن ۽ وجودي واردانن جي ڪهاڻي آهي.

تئی زہیر سمو، پہر پہ پہری نوخءَ باں
چو کہیرانی آڑویں آساں روخءَ باں

(بزدار، ص: 106)

ترجمو: سمو تنهنجون يادون هر پل تازيون رهن ٿيون،
ڪنديءَ جي ڪانيءَ کي لڳل باهه جيان دکنديون رهن ٿيون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بلوچستان جي پٽرائين پٽن ۾ جڏهن لُک لڳي ٿي ته ڌرتي ٽامو ٻڻجي وڃي ٿي. هک ته پاڻيءَ جي اڻاٺ، مٿان وري ڌرتي تپي ته اهڙي ماحول ۾ انسان، جانور، پکي پکڻ ۽ وڻ ٻوٽا سڀ ويل ۾ اچيو وڃن. اهڙي منظر جي شاهدي شاهه لطيف هن ريت ڏني آهي.

ڏَنءُ لڳو، ڏُونگرُ ٻَريو، پينرُ ڪاٽِي پُون،
مَنَا لاٽو مون، سندو جِيَڻَ آسرو.

(بلوچ، سُر حسيني، داستان ٦، بيت ١٣ص: ٢٤١)

مست، بلوچستان جي جاگرافيائي ماحول مان تشبيهون کڻي جدائيءَ جي ڪيفيت کي بيان ڪري ٿو. هو عشق کي باهه ۽ لوءِ سان تشبيهه ڏئي ٿو ۽ پنهنجي وجود کي ڪڏهن ڪنديءَ جي وڻ جي ڪاٺيءَ کي لڳل باهه ته ڪڏهن اڱار ڪوٺي ٿو.

عاشقی شوکاراں، ل ِواری پیلوشتغاں
ستکو داذاں، سر داں پاذی ہنگراں

(بزدار، ص: 84)

ترجمو: عشق جي باهه مون کي ساڙي ڇڏيو آهي
آءُ مٿي کان وٺي پيرن تائين ٻرندڙ ٽُڙ جيان آهيان.

هو سمل کي ساري ٿو ۽ اُن جي ديدار جي اُڃ ۽ اُساٽ ۾ تڙپي ٿو، لُڇي ٿو ۽ پاڻ کي بيوس پائي ٿو. عشق جي اُڃ اُجهائڻ ڀلا ڪنهن جي وس ۾ آهي ڀا؟ ڀلي سمنڊ پي وڃو پر هک ڍُک يا سُرڪيءَ جيترو به افاقو نٿو ٿئي.

ڪامان، پَچان، پَڄُران لُڇان ۽ لوچَان،
تَنَ ۾ تَونسَ پرينءَ جِي، پِيَان نہ ڌاپَان،
جي سَمُنڊ مُنهِ ڪرِيان، تہ سُرڪِيائِي نہ ٿِيي.

(بلوچ، سُر سنهڻي، داستان ٦، بيت ٣، ص: ٢٥٠)

مست چئي ٿو ته تنهنجي عشق ۾ ايڏو اُجايل آهيان، جو ڀريل ڪليون يا پاڻيءَ سان ڇڪار سڄي نئين کي اندر اوتيان، تڏهن به منهنجي اُڃ نه لهي.

دوست پہ تئی مونجاں، چکھر تُنی ییشغاں





کوراں جھاگیناں، مشکاں گوں بنداں ایر براں

(بزدار، ص: 108)

عاشق ته هونهن به آرامان ارڳ ٿين ٿا، نيٽين ننڊ وهه ٿي ٿئين، سِک ۽ سُمهڻ جو ته ڪوڙو ئي نٿو لڳي! مست کي وڇوڙي جا وڍ ويهڻ نٿا ڏين، هُو بلوچستان جي ڪُنڊ ڪڙڇ گُهمي ٿو، سنڌ جا برپٽ لتاڙيندو، ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان کان ٽيندو دهليءَ تائين وڃي ٿو.

مير مٺا خان مري لکي ٿو: ”سمو جي وڇوڙي، مست جي مزاج کي بي قرار ڪري ڇڏيو هو، هو صحرائن، بيابانن ۽ جهنگن جهرن ۾ گهمندو رهندو هو. ان کي سمو جي ڳولها هئي يا پنهنجي وڃايل هوش و حواس جي؟ بهرحال هو سڄي زندگي لاحاصل جستجو ۾ ڀٽڪندو رهيو.“(١١)

مست توڪلي وڇوڙي جو ڳرو بار کڻي ڪٿي ڪٿي ڀٽڪندو رهيو؟ تنهن بابت هو پاڻ ٻڌائي ٿو:

بانکئے رندا رُلان داں کیچ و مکراں
باوره کاریں تتکغاں دیریں الکھاں
زغریں ہون چماں مستغاں بازیں چرغاں

(مري، ص:123)

ترجمو: مالڪياڻي (سمو) جي ڳولها ۾ ڪيچ مڪران تائين ڊوڙندو رهيس،
يقين ڪندين؟ پرانهن پنڌن ۾ پير ڦٽون ڪيم
انهيءَ هل هلان جي ڪري منهنجي اکين ۾ رت ڄمي ويو آهي.

سئر سفر ڪرڻ، سيلاني ٿيڻ، فطرت جو مشاهدو ڪرڻ،قدرت جي حسين نظارن جو نظارو ڪرڻ اسان جي وڏن جو، خاص طور تي حساسن دل رکندڙ شاعرن جو مشغلو رهيو آهي. شاهه لطيف به مجاز جي مهيزون سهڻ کان پوءِ جوڳين سان جيسلمير، جهونا ڳڙهه، لاهوت، هفت تلار تائين سفر ڪيو هو، سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو سئر سفر ۾ گذريو.

مست هر هنڌ سمو کي ڳولهيو، پر سمو ته املهه هئي، اڻ لڀ هئي، هن جو مَٽُ ۽ ثاني ڳولهڻ سان ڪيئن ٿي ملي سگهي؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گھولغیں سندھءَ پولغیں سمو دروشماں
پولغءَ سموءِ بذل پیداشءَ نواں
(بزدار، ص: 104)

ترجمو: سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سمو جيان سهڻي ڳولهيم پر
ڳولهڻ سان سمو جي ثاني نٿي ملي.

سمو جي ياد ۾ جڏهن مست جو روح رڙيون ڪري ٿو ۽ يادن جو زهر سندس رڳ رڳ ۾ ور وڪڙ ڪائي، ڪيس عذاب ۾ مبتلا ڪري ٿو ته هو ان جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

لہر منی جانا ریز گرنت ماری
موژہ کنت روح دل ہزار واری
(مري، ص:121)

ترجمو: زهر منهنجي بدن ۾ نانگ جيان وٽ ڏئي پيو
روح ۽ دل تي هزار پيرا ڪاهه ڪري ٿو.

مست، ور وڪڙ ڪائيندڙ زهر جي عذاب ڪارڻ جبل جهاڳي ٿو، دشت ۽ بيابانن ۾ پير پِٽون ڪري ٿو. بلوچستان جو ڪنڊ ڪڙڇ گهمي سنڌ ڏانهن رخ ڪري ٿو:

تئ زھیراں مس سندھ چو بیٹاں گار کناں
مس شتو سندھ ژہ مشرو جھنگاں گوستغاں
پاذاں نال بستہ پہ ڈغار انی جھا گغاں
چمان ہون مستاں شفانی گو ذوہا وہاں
(مري، ص:128)

ترجمو: تنهنجي يادن ڪي سنڌ جي صحرائن ۾ وسارڻ گهران ٿو،
آءُ سنڌ جي گهاٽن ٻيلن ۾ رلندو رهيس،
لڳاتار هلڻ ڪري منهنجا پير، اُن جي پيرن جيان سخت ٿي ويا آهن،
راتيون جاڳڻ ڪري منهنجي اکين ۾ رت جمي چڪو آهي.

ڪيچ مڪران، سنڌ ۽ ديري غازي خان جو سفر ڪري هن وري پنهنجي وطن ڪاهان ڏانهن رخ ڪيو، واٽ تي ڪيس ڪونجن جو قطارون نظر اچن ٿيون، انهن جون





درد پريون دانهون ڪوڪون ٻڌي پاڻ ڪي هو ڪونجن جيان مسافر پائي ٿو، جيڪي سنڌ ۾ پنهنجو وقت گذاري، هاڻي، ڪُرڪنديون پنهنجي وطن ڏانهن موٽي رهيون آهن.

کونج کرانکنت و مئے دلئے درمان نہ واں
مئے دلئے درماں سملئے وہشیں کندغاں
(مري، ص:133،132)

ترجمو: ڪُونجون ڪُرڪن ٿيون ، پر اها منهنجي دل جي دوا ناهي،
منهنجي دل جي دوا سمل جا مٺر ٽهڪ آهن.

مست جي نظرن ۾ سمو کان وڌ سهڻو ٻيو ڪو ڏيک ناهي! سمو جي ٽهڪن کان وڌ ٻيو ڪو دل ڇُهندڙ سنگيت ناهي! سمو جي مُرڪ کان وڌ من موهيندڙ ڪو نظارو ناهي! هن جو نڪ، اکيون، هٿ، پير ، پيشاني ۽ بدن ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جي ساراهه مست نه ڪئي آهي! ان جي ديدار لاءِ آهون نه پريون آهن!

مست نه عاشق آهي اهو مست فلسفين جيان حسن تي ڊگهي بحث کان پاسو ڪري، سادگيءَ سان سمو جي هٿن جي لذت بيان ڪري ٿو، پر سندس سادگيءَ ۾ به ڪيڏي نه شاستگي آهي.

تونڑیں کہ بنیں تافغاں پشاں
سملئے دستانی نغن وہشاں
(مري، ص:54)

ترجمو: توڙي پٽر جي تئي تي پڪل هجي،
پر سمل جي هٿن سان پچايل ماني ئي لذيذ آهي.

دنيا جي هر شاعر اکين جي ساراهه جا ڍُڪ پريا آهن، چاڪاڻ ته اکيون سُونهن وڌائين ٿيون ۽ سونهن جي اظهار يعني شاعريءَ ۾ اکين جي وڏي اهميت هوندي آهي. اکيون جيڪي بي چيون هوندي آهن، جتي چوڻ آهي نه چارو، اتي اڙجنديون آهن، ۽ عاشق جو سُک، چين ۽ ننڊ ڦِٽائينديون آهن. عاشق سان *لگی والیاں نوں نیند نہیں آندی*، واري ڪار تي ويندي آهي هڪ ٻيرو جڏهن عاشق جي اک لڳي ته پوءِ ڪڏهن به سندس اک نه لڳندي آهي. اکيون ته هرڻ جيان چال ڏئي، انسان ڪي ٻوڙائي ۽ ٽڪائي ڇڏين ٿيون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪِين جو ڪَنهين پارِ، اڪيون پَسِي آئيُون،
ٿِيون ديوانيون دِلِ ۾، اَپَرَ لَڳِينِ آرِ،
تِهان پوءِ قَرارِ، سُتيون ڪينَ سَيدُ چَئَي.
(بلوچ، سُر آسا، داستان ٢، بيت ٨، ص:٣٣٤)

مست چئي ٿو اڪين جو وارُ زهر ۾ پوريل تير کان وڌ موتمار ۽ ترار کان وڌ تکو هوندو آهي. اڪيون انسان کي وڍي، چيري ۽ چچري ڇڏين ٿيون.

مست ٻہ اهڙين اڪين جو شڪار ٿيو هو:

ريٹوں چم گوں کاغذیں رکاں
تیزیں چو کُنڈھی آں بہو خیناں
(مري، ص: 59)

ترجمو: ڪاڳر جيان سَنهن چپن سان وڏيون اکيون،
تکي ڌار وارين ترارن جيان قاتل آهن.

اکين سان گڏ محبوب جي اکين جي هيٺان واري سُرخيءَ ۽ لالاڻ، سنهي نڪ ۽ ڪمان جيان وريل ڀِرون ئي تہ آهن، جيڪي ڪيس چنڊ کان اُتم ۽ اعليٰ بڻائين ٿيون.

نشک و پار ایشنت، سُہرنتی چمانی لوار
شیفغیں پونزے سملئے بروانت اوار
(مري، ص:70)

ترجمو: هن جي اکين ۾ لالاڻ آهي،
سنئين نڪ آهي سمل جي ۽ ڀرون پاڻ ۾ گڏيل آهن.

چنڊ تہ پلي چوراسي هجن تڏهن بہ پرينءَ جي ڀيٽ ۾ هيچ ۽ ڪمتر آهن، ڇاڪاڻ تہ چنڊ جون بہ اکيون ناهن، ٿيون نڪ ناهي، چوٽين چيلهہ ناهي! قمر ڪير ٿئي جو ڪامڻيءَ جي ڪمر سان ڪُلهو ملائي، وري ڪمر مٿان ڪاريهر جهڙا ڪاڪل ڦڻ ڪڍيو بيٺا هجن تہ اهڙو ڪمال، قمر ڪٿان آڻي؟

بمبوئیں جاد گوں بارغیں سِرینا
ٹُرنداں جو آمرٔ داثغیں تیغاں
(مري، ص: 68)





ترجمو: سنهي چيلهہ تي گهاٽا ۽ ڪارا وار،
تکي ڌاري واري ترار جيان لڳن ٿيون.

هندي شرنگارس ۽ سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ محبوب جي انگ انگ جي حُسن ڪي بيان ڪيو ويو آهي. مست توڪلي، هندي شرنگارس ۽ سنڌي سينگار کان الائي واقف بہ هو يا نہ، پرهن پنهنجي محبوب جي سُونهن کي جنهن نموني بيان ڪيو آهي، اهو سينگار شاعريءَ کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ آهي.

جیغ کڑوئیا داشتغا دکانیں گراں
سینغئے تاویت چو گروخ تاڑی آ جناں
(مري، ص: 75)

ترجمو: ڇاتين جي اُڀار جي ڪري پرت پريل ڳُجُ مٿي ڪڇيل آهي،
ڳچيءَ ۾ پاتل تعويذ سندس سيني تي کِنوڻ جيان ڪيچل پيون ڪن.

مست پنهنجي محبوب جي ڳالهہ اوپرن لفظن ۽ پنهنجي جاگرافيائي ماحول کان اڻڄاتل تشبيهن ۾ نٿو ڪري، بلڪ هو بلوچستان جي قبائلي علائقي جو سادو ماڻهو آهي. پنهنجي ڳالهہ سڌي ۽ سادي نموني بيان ڪري ٿو. هو سمل کي صنوبر، نرگس ۽ غزال بدران ڏاڙهون جي گل، ڪوهہ زين تي موريل ڀِپر ۽ ليمي جي وڻ سان تشبيهہ ڏيئي ٿو.

سمو ژہ زینءِ پلپلاں یکے
سمو ژہ درشکانی براں یکے
سمو یہ شیشہ اے شراوانی
سمو یہ سروان یے تلارانی
سمو یہ سُہر پُل یے انارانی
سمو یہ ڈیوائے تہارانی
(بزدار، ص:110)

ترجمو: سمو، ڪوهہ زين جبل تي موريل ڀِپر جي وڻن منجهان هڪ آهي،
سمو، وڻن جو ميوو آهي،
سمو، شراب جو شيشو آهي،
سمو، ٽڪرين تي ڏُڪندڙ هرڻي آهي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سمو، ڏاڙهونءَ جهڙو ڳاڙهو گل،
سمو، اونداهيءَ ۾ روشن ڏيئو آهي.

جنهن علائقي ۾ سدائين پاڻي جي اڻاٺ ۽ ڏُڪار واري صورتحال هجي، اتي مينهن ڪان وڏي ڪهڙي نعمت ٿي سگهي ٿي؟ ماڻهن جي زندگي، گذر سفر، خوشين ۽ شادمانين جو سلسلو برسات سان ڳنڍيل هوندو آهي. مست حُسن جي بيان ۾ به پنهنجي ماڻهن جي ضرورتن ۽ انهن ضرورتن پٺاندر سرجندڙ سوچ جي ترجماني ڪري ٿو.

شرین چو قطار بستغیں نوذاں
وہشیں چو میشی شکلیں شِیراں
(مري، ص: 59)

ترجمو: هوءَ قطار ۾ وسندڙ ڪڪرن جيان سهڻي آهي،
هوءَ رڍ جي کير جيان وڻندڙ آهي.

مست پنهنجي ڏک کي عام گڏيل ڏک سان ڳنڍي ٿو، هو فقط پنهنجي دل جي اُڌمن، اُمنگن ۽ ارمانن جو شاعر ناهي، پر وٽس عام جو ڏ ک به آهي. هو پنهنجي ماڻهن ڪي سفر جي ڏکيائين ۾ ڏسي ٿو ته ان جي بهتريءَ لاءِ سوچي ٿو. ڪين اٿهوند ۽ بدحاليءَ ۾ ڏسي ٿو ته رب تعاليٰ جي اڳيان مينهن وسائڻ لاءِ دعا جا هٿ کڻي ٿو.

قبائلي جنگين جي تباهين ۽ بربادين سبب لڏپلاڻ ڪري ويل ماڻهن جي گهر ۽ ڳوٺن کي ويرانيءَ ۾ ڏسي ٿو ته انهن جي موٽي ماڳن تي اچي آباد ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪري ٿو.

دوست ژه دیریں الکھاں بیایاں
ہلکے مس اولی کوه بُناں نداں
بانہڑے اولی بوزناں ساراں
میش اود کوہانی سره بوراں
زُرتئے رونی بنت مس تلاں
(مري ،ص: 214)

ترجمو: ڪاش پيارا ڏورانهين ماڳن ڪان موٽي اچن،
اڳ جيان جبل جي پر ۾ خيما ڪوڙين.
پنهنجي ڇڏيل (ويران ٿيل) گهرن ۾ ٻيهر وسن





رڍون جبلن جي چوٽين تي رانياٽ ڪن.
هارياڻيون پنهنجي جُوئر جي فصل ۾ ڏسجن.

بلوچستان ۾ غربت ۽ اٿهوند ڪارڻ مرد توڙي عورت ٻنهي جي حياتي ڏُکي گذرندي آهي، پر عورت، مرد جي پيٽ ۾ وڌيڪ پوڙهي ٿيندي آهي. بلوچستان جي قبائلي سماج جي معيشت جو دارومدار چوپايي مال پالڻ تي آهي. اونهاري ۾ جڏهن ساوڻ جو وسڪارو ٿيندو آهي، تڏهن گاهه عام جام هوندو آهي، پر سياري جي مند ۾ گاهه جي کوٽ ٿي پوندي آهي. چاري جي کوٽ سبب مالوند ماڻهن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا آهن. سندن مال بُک جي ڪري ڏٻرو ٿي کير گهٽ ڏيندو آهي ۽ انهن جا ڦر مرڻ لڳندا آهن. اهڙين حالتن ۾ هو انهن اوچن جبلن جي چوٽين ۽ گهاٽين جو رخ ڪندا آهن، جتي مال جي ذات نه پهتي هجي ۽ اتان سُڪل گاهه هٿ ڪري مال کي کارائيندا آهن. اهو ڏُکيو ۽ اڙانگو پورهيو خاص طور عورتون ڪنديون آهن. مست توڪليءَ جي سمو به اهڙن ڏکين ڏينهن مان گذري هئي.

مست توڪلي، سمو جي اهڙي حالت ڏسي نٿو سگهي، تنهن ڪري سمو جي استعاري ۾ عورت جي مظلوميت ۽ ڏکيائن خلاف احتجاج ڪري ٿو. هارياڻي يا مال چاريندڙ عورت جي پيڙائن جي عڪاسي ڪري ٿو:

دوست منی بیواکاں کشه وانڈھو گوں بُزاں
پاذ شفاذیا کوه بن و کوڑاں و گراں
(مري، ص: 224)

ترجمو: مُورڪن، منهنجي محبوب کي گهر ڪان پري ٻڪريون چارڻ لاءِ موڪليو آهي.
هوءَ اگهاڙن پيرن سان ٽڪرين، جبلن ۽ ميدانن ۾ هلڻ تي مجبور آهي.

مست توڪلي، قبائلي سماج پاران مقرر ڪيل عورت جي مقام کي قبول ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ٿو. جنهن ۾ عورت فقط محنت ڪري ٿي، ان جو ڦل ڪيس نٿو ملي. ٻار پالڻ، گهر جي ڪم ڪار سان گڏوگڏ مال پالڻ تائين هوءَ سخت محنت ڪري ٿي، آرام ۽ واندڪائيءَ جو هڪ پل به ڪيس نصيب نٿو ٿئي، تڏهن به ڪيس سماج ۾ برابري نٿي ملي. نيٺ عورت به ته انسان آهي، ٿوري دير آرام ڪرڻ ۽ ساهي پٽڻ ، مُرڪڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ جو ڪيس حق هئڻ گهرجي، ايڏي جفاڪشيءَ سبب سندس عظمت جو اقرار به ٿيڻ کپي. ڇا عورت بنا ساهيءَ جي محنت ۽ جفاڪشيءَ لاءِ جائي آهي؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جواں نہ ایں سمو گوں بُزگلی مڑداں
بیشیں گوں دُر گوشیں مہیری آں
(مري، ص: 226)

**ترجمو:** سمو ٻڪرين جو ڌڻ چارڻ لاءِ تہ نہ چائي آهي،
هن کي مهير جبل جي، سونيون واليون پائيندڙ (خوشحال عورتن) جيان هجڻ گهرجي ها.

مست توڪليءَ جي شاعريءَ جي اڀياس مان سندس عقيدن جي چٽي وضاحت ٿئي ٿي.هو صوفين جي درگاهن تي ويندو هو، انهن جي عقيدت ۾ شان ۾ شعر چيائين پر پاڻ عملي طور تي تصوف جي ڪنهن خاص مسلڪ سان واڳيل هو، تنهن بابت ڪا بہ شاهدي نٿي ملي. واحد بخش بزدار لکي ٿو: ”ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مست توڪلي فڪري ۽ نظرياتي طور تي تصوف ۽ سلوڪ جي مقامن ۽ منزلن جي ڄاڻ رکندو هو، سندس شاعريءَ ۾ جابجا تصوف بابت اشارا بہ ملن ٿا پر هو بنيادي طور مذهبي تصوف ۽ ان جي فلسفياڻين باريڪين ۽ پيچيدگين کان مٿانهون هڪ آزاد منش ۽ سچو عاشق هو. هن وٽ تصوف جا هي حوالا ۽ تذڪرا مروج صوفي اصطلاحن بدران محبت سان سرشار هڪ آزاد منش انسان جي بي قرار ۽ بي چين رُوح جي پُڪار آهن، جن کي نہ تصوف جي ڪنهن فڪري يا نظرياتي سانچي ۾ وجهي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي انهن کي طريقت جي ڪنهن نقط نظر سان جوڙي سگهجي ٿو.“(١٢)

مست توڪلي، رب تعالي جي ساراهہ ڪري، جيڪو ٻنهي جهانن جو جوڙيندڙ آهي، جنهن جي جوڙيل قاعدن ۽ قانونن پٽاندر سج ۽ چنڊ، پنهنجي مقرر حدن ۾ رهن ٿا، مالڪ تہ مرضيءَ جو مختيار آهي، ان جي ’ڪُن‘ سان ٿيندڙ ’فيڪون‘ ئي هن ڪائنات جي جوڙ ۽ جنسار جو ڪارڻ آهي! ڏٽي يڪتا ۽ واحدآهي، سندس برابري ۽ همسري ڪرڻ واري ڪا ٻي هستي ناهي.

ایکءُ ایکیءَ وث خدا جواں ایں
بادشاهیں کہ نامءِ سُبحان ایں
اغ قھار بی تہ زورءَ زور مانیں
مھرواں بی تہ رحیمءُ رحمان ایں
(بزدار،ص: 54)





**ترجمو:** هيڪڙائي خدا کي سونهي ٿو،
هو ذات پاڪ بي پرواهہ بادشاهہ آهي،
جي ڏمرجي تہ سيني کان ڏاڍو آهي،
ٻاجهہ ڪري ٿو تہ سيني کان سٻاجهو آهي.

مست چئي ٿو تہ الله جي ذات هميشہ رهندڙ، لافاني ۽ باقي آهي، ڪاٿُنس سواءِ ٻئي هر وجود کي ميسارجڻو آهي.

ہر کسءَ روثءَ وث خدا کوشتی
یہ وثءَ بیثءُ تی کئےءَ گندی
(بزدار، ص:56)

**ترجمو:** سپ ڪجھ فاني ۽ خدا باقي آهي
ان کان سواءِ ڪنهن هستيءَ جي ڪا حقيقت ناهي.

مست توڪلي، الله تعالىٰ جي حمد و ثنا سان گڏ محمدﷺ جي مداح سرائي بہ ڪئي آهي.

بادشاہ جواں مڑدیں نوی ﷺ بیثہ
سانگ سیرانی گوے گوں بیثہ
(بزدار، ص: 62)

بلوچي ٻوليءَ ۾ ’بادشاهہ‘ لفظ، استعاري طور هادي ۽ رهبر جي معنىٰ ۾ ڪم ايندو آهي، مٿئين شعر ۾ مست توڪلي بادشاهہ (رهبر) لفظ نبيﷺ جي لاءِ ڪتب آڻيندي چئي ٿو تہ جڏهن سهڻي نبيﷺ جو جنم ٿيو تہ دنيا ۾ خوشين ۽ شادمانين جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿيو.

مست توڪليءَ جي ڪلام ۾ اسانکي اهلبيت سان تمام گهڻي اُنسيت ۽ محبت نظر اچي ٿي. هو اهلبيت کي امام، معصوم ۽ محمدﷺ جا پيارا چئي پُڪاري ٿو ۽ سندن دشمنن جي ننڊا ڪري ٿو.

جنگ ایں گوں ہونی آں حُسین ئیغاں
مست گوں معصوماں اُمل ئیغاں
(بزدار،ص: 58)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ترجمو: اسان جي جنگ آهي امام حسين رضي الله عنه جي قاتلن سان
مست آهي معصومن (امامن) جي قافلي سان.

يا وري ايئن:

يا علی اللہءَ اناغاصیں
مُشکلاں حاضر بیث حضور جانی
(بزدار، ص: 62)

ترجمو: علي رضي الله عنه مُشڪل ڪُشا آهي،
هُو ڏُکيي وقت ۾ مددگار ٿئي ٿو.

## نتيجو:

هن مقالي جي اڀياس مان مست توڪليءَ جي شخصيت جي مختلف رُخن، کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ اها پروڙ پئي ٿي ته هو هڪ سچو، کرو ۽ بهادر انسان هو، جنهن قبائلي سماج ۾ نه فقط پنهنجي محبت جو کُليو اظهار ڪيو بلڪ زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين محبت جي اها چٽنگ سندس دل ۾ دکندي رهي. مقالي ۾ قبائلي سماج ۾ رهندڙن جي نفسيات، ذهني وسعت، سهپ، ايمانداري ۽ وفاداريءَ بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي. ان سان گڏوگڏ اهو نتيجو نڪري ٿو ته شھ مُريد ۽ جام درڪ ڪان پوءِ، مست توڪلي ئي اهو شاعر آهي، جنهن نه رڳو پنهنجي شاعريءَ وسيلي بلوچي ٻوليءَ ۾ پنهنجي تخليق ڪيل ڪيترين ئي نون تشبيهن، استعارن ۽ اصطلاحن سان نواڻ آندي، بلڪ پنهنجي عوام ۽ سماج جي ترجماني ڪندي ان جي گُهرجن ۽ ضرورتن، پسند ۽ ناپسند، قانون ۽ قاعدن، نيم ۽ اصولن، سماجي ۽ اخلاقي قدرن کي پڻ نروار ڪيو آهي. سندس شاعري مان بلوچن جي سماجي، ثقافتي، سياسي، تهذيبي، تمدني، رواجن ۽ ريتن رسمن جي عڪاسي پڻ ٿئي ٿي.

هن مقالي جي مطالعي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته بلوچ سماج، عقيدن جي حوالي سان الله تعاليٰ، ان جي رسول صلي الله عليه وسلم، اهل بيت ۽ ۽ اولياءَ الله سان نه فقط محبت ڪري ٿو بلڪ انهن کي پنهنجو رهنما ۽ رهبر پڻ سمجهي ٿو.





## حوالا


1. مری، مٹھا خان، میر، 'توکلی مست'، بلوچی اکیڈمی، کوئٹہ، 2012ع ص:14.
2. نصیر، گل خان، میر، 'بلوچستان کی کہانی شاعروں کی زبانی' بلوچی اکیڈمی، کوئٹہ۔ 2013ع، ص:265.
3. مری، مٹھا خان، میر، 'سمو بیلی'، بلوچی اکیڈمی، کوئٹہ، 1991ع، ص:10.
4. مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی' سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ 2014ع ص:25.
5. بزدار، واحد بخش، 'مست توکلی - منتخب کلام اردو ترجمہ' نیشنل بک فاونڈیشن، اسلام آباد، 2016ع، ص:11-12.
6. مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی' سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ، 2014ع، ص:240.
7. مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی' سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ 2014ع، ص:33.
8. مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی' سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ 2014ع، ص:22.
9. بزدار، واحد بخش، ' مست توکلی - منتخب کلام اردو ترجمہ'، نیشنل بک فاونڈیشن، اسلام آباد، 2016ع، ص:49.
10. مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی' سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ 2014ع، ص:360.
11. مری، مٹھا خان، میر، 'سمو بیلی'، بلوچی اکیڈمی، کوئٹہ، 1991ع، ص:13.
12. بزدار، واحد بخش، ' مست توکلی - منتخب کلام اردو ترجمہ' نیشنل بک فاونڈیشن، اسلام آباد، 2016ع، ص:21-22.

مست توڪليءَ جو ڪلام هيٺين ڪتابن مان ڪنيو ويو آهي:

- مری شاہ محمد، 'مستیں توکلی'، سنگت اکیڈمی آف سائنسز، فاطمہ جناح روڈ، کوئٹہ، 2014ع.
- بزدار، واحد بخش، ' مست توکلی - منتخب کلام اردو ترجمہ' نیشنل بک فاونڈیشن، اسلام آباد، 2016ع.

شاهه لطيف جا بيت هيٺين رسالي مان ڪنيا ويا آهن:

- بلوچ، نبي بخش، خان ، ڊاڪٽر، 'شاهه جو رسالو'، سياحت ۽ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠٠٩ع.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair